ॐ

# اتھر وید



ॐ

# اٿويد

مترجم :

## ڪشنومل پيل

ميرپور خاص

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سنگرہ ڪندڙ: گيان چند وڪيل ڪئنس روڊ سکر.

پيٽا : 40 روپيه



## سائين شڌارام صاحب

جيڪي پاڻ تقريبن 300 سال اڳ ماٿيلي جي ڳوٺ، پنجاب ديس ڪان پڌاريا هُتا هي ماٿيلو اُهو آستان آهي (ضلع گهوٽڪي ۾) جنهان سنڌورندي وهندي هئي ۽ انهي سنڌو ندي جي ڪنڌي تي چارئي ويد لکيا ويا هيا.

پاڻ سنت حيات پتافي ڳوٺ ۾ جوتي جوت سمايا.

گيان چند وڪيل




## مهارشي سوامي ديانند سرسوتي
## 1883-1824

اڄ ڪان اٽڪل 150 سال اڳ ويد جو ترجمو سنسڪرت مان سولي هندي ۾ ڪندڙ رهبر جنهن وديا جي ٻل سان ڪفر جا ڪوٽ ڪيري وڌا ۽ انسان کي سچي آزادي ماڻڻ جو سنديش ڏنو

# ارپڻ وندنا

مون کي خوشي ٿي آهي جو مون کي يجرويد جي پهرين حصي جو ترجمون جيڪو شري ڪشنومل ميرپور خاص نواسي ڪيو آهي تنهن جي ڇپائي جي شيوا مان پنهن جي دل سان شڌائي دربار جي ناچيز شيوڪ جي حيثيت ۾ قبول ڪيان ٿو. مون کي پنهن جي سرڳواسي پتا پوج ڪيڏٿي مل (اصل ويئل رانوتي حال ڏهرڪي) اها سڪيا ڏني هئي تہ تن من ڌن سان سنتن جي شيوا ڪجي.

شڌائي سنتن جي ڪمل چرنن ۾ سرنوائي پنهن جي پتا جي آتما کي موکيہ ۽ شانتي لاءِ ارداس رکي هي ناچيز شيوا پيش ڪيان ٿو شل قبول پوي.

داس ڪرشن -ڪ- چاولا
شڌائي ٽريڊرز ڏهرڪي
گزري ڪاٽن مِل ڏهرڪي.

08-09-96

# ٻہ اکر

اڄ ڪلهہ ٻار ٻڇن ٿا تہ ويد ڇا آهي. انهي سوچ جو جواب ڏيڻ لاءِ ٻئي ويچار ڪير تہ هڪ سڄڻ شري ڪشنومل (جيڪو هن پستڪ جو مترجم آهي)، اوچتوئي اوچتو مون کي گڏيو واقفيت دِل تان لٿل هُئي پوءِ گهرائپ وڌي ويئي مان ڪيس عرض ڪير.تہ ڪنهن ٻہ ويد جي انڪ (حصي) جو ترجمون ڪري ڏيو. جيڪو عرض هن سڄڻ اگهايو ۽ هي پستڪ يعني اٿر ويد جي ٻهرين ڀاڱي جا 9 ڪانڊن جو ترجمون اوهان اڳيان آهي.

ويد ايشوري گيان آهي جيڪو ايشورمنشن (انسانن) جي ڀلائي لاءِ منشن جي اتپتي (خلقڻ) وقت ڏنو. ايشور هڪ آهي جنهن جو نج نام اوم آهي. ويد هڪ آهي جنهن جا 4 انڪ يعني حصا آهن. ويدن مان اپ ويد، ويد انگ، ويد اپانگ، اپنشد وغيره سولي طريقي سمجهڻ لاءِ ڇيد ڪيا ويا آهن. هي سڀ سنسار جي آدي مول ۽ سناتني ڀاشا سنسڪرت ۾ آهن. سڀ ڪجه پرماتما جي اتپتي (پيدائش) آهي.

ويد ۾ ڌرم، آتما، شرير ۽ سماج جي ترقي لاءِ ڪجه نيمن جو مجموعو آهي جي ليئر ايشوري گيان يعني ويد ۾ ورتن ڪيل آهن.

وڏي خوش قسمتي آهي جو شري ڪشنومل جي ڪاوش ذريعي هي اٿر ويد جو ڀاڱو اول، وشو (عالمي) ستيہ سناتن ويدڪ ڌرم جي اٿاهہ وديا ساگر مان هڪ امرت جو ڍُڪ نصيب ٿيو آهي. هي ترجمہ اڄ کان اٽڪل ڏيڍ سو سال اڳ مهارشي سوامي ديانند سرسوتي سنسڪرت مان هندي ۾ ڪيو هيو جيڪو اڄ اسان کي مذڪوره مترجم شري ڪشنيمل سنڌي ۾ ساڳيو ترجمون محنت ڪري ڏنو آهي. جنهن لاءِ هن ڀڳوان جي ڀڳت ڪيرون لهئيون.

اوهان جو پنهنجو
گيان چند وڪيل سکر.

20-07-96

## -÷ اٿروويد ÷-

### پهريون ڪانڊ - سُوڪتم 1

( بُڌيءَ ڪي وڌائڻ جو اُپديش )

يي ترِ سَپتاهَ پَريَنتِ وِشوا رُوپاڻِي بِڀرتهَ
واچسپتِ بلا تيشام تنوو اَڌ دڌاتو مي ÷-

1- ارٿ :- ڪي ڪان ونئي پرماتمائين جيڪي پدارٿ سنسار جو سبب آهن، اُنهن سڀني جو تتوگيان - ويدواڻي جي سوامي سڀني جي گرو جگديشور جي ڪرپا سان سڀئي منوشيه حاصل ڪن. هو اُن انترياميءَ تي وشواس ڪري پرڪرمي ۽ پرُاُپڪاري ٿي سدا آنند ماڻين -

NOW MAY VACHASPATIH, THE MASTER OF LANGUAGE WITH GRMMAR, IMPART TO ME THE KNOWLEDGE OF THE ORIGIN AND SCOPE OF THE SYSTEM OF THOSE TRIPLE SEVEN VIBHAKTIS, THE INFLECTIONS OF THE GRAMMATICAL CASES WHICH BEAR THE VARIOIUS NAMES AND FORMS.

2- پُنه ريهِ واچسپتي ديوان منسا سَههَ
وَسو شپتي نِرمَيه مَيءِ ايه واسته مَيءِ شُرتَم

ارٿ :- ڪوشش ڪري، پرم گرو پرميشور جو هميشه ڌيان ڪندو رهجي، يادگيري سان ويد وگيان ذريعي پنهنجي هردي کي شُڌ ڪري سدا سک ڀوڳين •

## -: اٿرو ويد :-

(HYMN1) پهريون - ڪانڊ، سوڪت 1

3 - اِهئهُ واپه وِ تنوُ پي آترني اِوَ جيهَ يا
واچسپتهِ رِنه يي چنهُ ميَ يي واسته ميه شرتم :

ارٿ :- جهڙيءَ طرح جنگ ۾ بهادر تيرڪمان رسيءَ ڪشيا ڪندو آهي - اهڙي طرح آدِ گرو پرميشور پنهنجي ڪرپا سان هٿن کي (گيان جو ناس ۽ وگيان جو واڌارو) هڻ برهمچاري تي ڦهلائي ڪشيا ڪري ۽ اصول پالڻ ۾ پختو ڪري پرم سُکدايڪ برهم وديا جو پردان ڪري ۽ وگيان جي پوري يادگيري مون ۾ بني رهي

O' VACHASPATI, THE LEARNED TECAHER SPREAD YOUR SHELTERING ARMS HERE ON MELIKE THE TWO ENDS, OF VOW TIGHTENED WITH CORD. MAY VACHASPATI, THE LORD OF VEDIC SPEECH KEEP US UNDER HIS CONTROL. WHATEVER KNOWEEDGE IS IN ME, BE IN ME.

4 - برهمچاري لوگ، پرميشور جو آواهن ڪري عزت ۽ احترام سان هميشه ويد جو دوَر ڪن جنهنڪري پريم سان پڙهايل آچاريه جي برهم وديا، انهن جي هرديه ۾ شِٿرتي ڪلياڻڪارڪ ٿئي -

(HYMN- 2) پهريون ڪانڊ، سوڪت 2 -

1 - وِدا شرسيه پتَرم پرجنيم پوُرِ دايهَ سم
وِدو شوَسيه ماترم پرٿوِيم پوُرِ ورپسم :-

ارٿ - جيئن بادل پاڻي وسائي، پرٿوي تي اناج وغيره پيدا ڪري

ڪانڊ - پهريون - سوڪت 2

- اٿرو - ويد -

هر جاندار لاءِ وڏو اُپڪار ڪندڙ آهن. اهڙي طرح، پرماتما پرٿوي، بادلن، لوڪ، پرلوڪ وغيره جو اصول سان ڌارڻ پوشڻ ڪندو آهي، جيئيندڙ ۽ ودوان پُرش، اُن پرماتما کي پتا، ماتا... وانگر محافظ سمجهي ته برابر پرماتما، هر حالت ۾ پالڻ پوشڻ ڪندڙ دياوان آهي. اسانجو فرض آهي ته، اهڙي ڪرم نواز ۽ رحم دل پرماتما لاءِ سدا پرشن شُڌچت رهون

WE KNOW THE RAIH WHICH IS THE FATHER, THE PROTECTOR OF THE SHARA, A MEDICINAL GRASS AND HIGHLY NOURISHING. WE KNOW WELL ITS MOTHER THE EARTH WHICH IS THE PLACE OF ITS GROWTH AND IS FULL OF MULTIFARIOUS ENEGIES.

2 :- پرماتما ۾ پورڻ يقين رکي، منوشيه آتم بل ۽ سريرڪ بل وڌائي مخالفتين کي مٽائين.

THE SHARA LIKE BOWSTRING BENDS AROUND US AND MAKES OUR BODY CONSTANT LIKE STONE, FIRM IN IT POSITION IT DRIVES FAR AWAY MALIGNITIES CAUSED BY THE DISEASES LIKE DROPPAGE OF URINE IN URINE PIPE ETC.

# ٿ اٿرو — ويد ٿ

## پهريون ڪانڊ - سوڪتم 2

3 – جڏهن ٻنهي طرفن کان ( اڌياتمڪ يا اڌيڀوتڪ )
سنگرام (جنگ) ٿيندڙ هجي . عقلمند ۽ هوشيار سينا پتي (ڪمانڊر)
اهڙي همت ڪري جو سڀ بهادر انهي وڏائي ڪن ۽ هو پرماتما
جي سهاري پنهنجي پراڻ وايو تي ڪنٽرول ڪري (THIS IS YOGA)
دشمن جي فوج کي بيجان ڪري فتحياب ٿي، آنند ماڻي .

4 – جو منوشيه . پنهنجي اندروني ۽ ظاهري ڪليش (پاپ) کان
صاف ٿيڻ چاهي ته، هردي کي صاف ڪندڙ، پرماتما جو سمرڻ
ڪري ته، هر مشڪل کان پار ٿي تيجسوي ٿيندو آهي . جيئن هوشيار
حڪيم، جڙي ٻوٽين کي سوڌي مُد بر ڪري انهي استعمال ڪرائي
ٻاهري ۽ اندروني بيماريون ختم ڪندو آهي اهڙي طرح آچاريه
(گرو) وديا پرڪاش ذريعي برهمچاري جي اگيان جو خاتمو ڪندو
آهي –

## ٿ اٿرو-ويد ٿ ڪانڊ پهريون ٿ سوڪتم 3

( ٿ شانتي لاءِ - اپديش ٿ )

1 – بادل برسات وسيلي اناج ۽ ٻوٽيون وغيره پيدا ڪريٿو . اهڙي
طرح بادلن جي بادل بي انت شڪتي POWER_FULL پرماتما کي
تون سان سمجهي . جيئن مُڪت پرش زبردست طاقتور ٿي
پنهنجي دشمن کي ناس ڪري آتم بل (WILL _ POWER) وڏائي

## ؛ اٿروَ- ويد ؛

### ؛ پهريون ڪانڊ ؛ سوڪت 3

2 - جيئَن وايو، سيني ساهوارن جو پراڻ آهي، ۽ جيون آڌار
تيئَن پرماتما وايوجو پراڻ ۽ آڌار آهي -

3 - آڪاش ۾، سوريَه، چنڊ، نڪشتر، گرهه ۽ پرٿوي لوڪ، لوڪانتر
وغيره شٿت (موجود) آهن. پر آڪاش، پرماتماجي آڌين
آهي -

4 - چنڊ، پنهنجين ڪرڻن ذريعي، اَنَ، وَنڪارَ، جڙي ٻوٽين کي
طاقت ڏيئيٿو. اُن چندرماجو ڪرتا ۽ هلائيندڙ پرماتما آهي
جيئَن چندرما آنند ڏيئيٿو. تيئَن اسان ذات کي به هرجيوتي ديا
ڪري، آنند ڏيڻ کپي.

5 - سوريَه آڪاش ۾ وايوسان هلندو آهي ۽ لوڪن کي هلائي
برسات وسائي اُپڪار ڪندو آهي ۽ وڏو تيجسوي آهي. ليڪن
پرماتما، سوريه جو به سوريَه آهي. اُنجي نعمت کي تنتوگيان
ذريعي سمجهي - تيجوسَوي مَنوشيه پاڻ ترقي ڪندا آهن.

6 - جيئَن، سرير ۾ رڪيل هاڪوس پشاب وڏي تڪليف ڏيندو
آهي، ڪڍهن رستي اُنکي ڪَڍڻ سان آرام ايندو آهي اهڙي
نموني، منوشيه آتمڪ، سريرڪ ۽ سَماجڪ دشمن (پاڪنڊين)
کي ڪيڍي ڇڏڻ ڪري سک حاصل ٿيندو -

O' YE PATEIENT JUS AS WHATEVER MATTER
IN YOUR INTESTINES, IN THE ARTERIES OF
(C.O_PAGE_VI)

؛ اٿرو-ويد ؛

؛ ڪانڊ پهريون ؛

BOTH SIDE AND IN THE URINE VESSEL IS TAKEN OUT IN THE SAME MANNER THE TROBLE CREATING URINE DROPPED IN YOUR URINE PIPE BE TAKEN OUT. THIS IS ALLTHAT IS REQURED FOR YOU.

7 - جهڙي طرح ، مريض جي بند ٿيل پيشاب کي حڪيم لوهه جي سرائي سان ڊنڊ جي پاڻي وانگر ٺڪوڙ ڻي ڪڍندو آهي. تيئن سماج دشمن پاکنڊي عناصرن کي سماج مان خارج ڪيو وڃي -

و -8 ؛ - جو ارٿ ساڳيو سٽين جهڙو سمجهو -

؛ سوڪتم چوٿون ؛

( هڪ ٻئي جي پيار لاءِ )

1 - جيڪو پرش ، پٽن لاءِ ماتائن سمان ۽ پائرن لاءِ پيئن وانگر نيڪي چاهيندو آهي ، سو خود سڌي مارگ تي هلي ٻين کي به هلائيندا آهن -

2 - هن منتر ۾ ، ٻن ڳالهين جو تفصيل آهي ، هڪ ته ڪنهن ۾ اُتم خاصيتن جو هُجڻ ، ٻيو اُنهن اُتم گڻن کي ڦهلائڻ ...

الف - جو پرش ، ماتائن ۽ پيئن وانگر سدائين محنت ڪري لاڀ پهچائيندڙ آهن ، اُهي سوريه ۽ ديا جي روشني ۾

 ॐ

## ※ اٿروَ - ويد ※

### ※ ڪانڊ ڇهريون - سوڪتم چوٿون ※

وِراجمان آهن ، جنجي سَتيه اپياس مان سوريه ودياجو پرڪاش
پکڙندو آهي سي پُٽيه آتما، تَپسوي سنسار ۾ سک کي وڌائين ٿا.
(ب) - ڦرَ پڳارٿ مان جل رس سوُريه ڪرڻن ذريعي جيستائين
سوُريه روشني جي حد آهي پهچي ڪرڻن کان الڳ ٿي امرت
تاثيرسان زميني ڪشش ڪري وسندو آهي اُن وانگر ودوان
برهمچاري پرش تپ ڪري ڪلياڻ ڪندا آهن -
3 - جَلَ کي سوُريه ڪرڻون سمنڊ وغيره مان ڇڪينديوُن آهن
بعد ۾ وسي اَناج وغيره پيدا ڪري سک ڏيندو آهي گايوُن
جانور وغيره به سک حاصل ڪري سُک پهچائيندا آهن
اهڙي طرح اسانکي به هڪ ٻئي جو مددگار ٿي ڪلياڻڪاري ٿيڻ
کپي -
4 - جل مان ، بيمارين کي ختم ڪرڻ جوُن شيون پيدا ٿينديون آهن
۽ اُنهن مان طاقت پيدا ٿي تندرستي بحال ٿيندي آهي ، گاهه
مان ڍڳيون ، گهوڙا وغيره بلوان ٿي فيض پهچائيندا آهن
اهڙي طرح سڀ منوشيه اناج جي استعمال ڪري طاقتور ٿي
ايشور جي نعمت ۽ مهما سمجهي هڪ ٻئي جا سهايڪ ٿي ڪلياڻ ڪن.

### ※ ڪانڊ ڇهريون - سوڪتم پنجون ※

(طاقت جي حاصلات لاءِ اپديش)

1 - جيئن جل کاڌ ، پيٽ ، کيتي ، واڙي ٻهلا ، ٻنتر وغيره ۾ اُپڪاري

ॐ

ء اٿرو- ويد ء ڪانڊ 1- سوڪت 8

4- جيئن جل ۾ جڳهه اُپڪاري هوندو آهي تيئن جل وانگر اپڪاري منوشيه کي هر هڪ ڪاريه ۾ هند پاڻ لاءِ ڀلائي سک حاصل ڪن

ء ايستائين پهريون باب ء

## - ء باب ٻيو ء -

### ڪانڊ پهريون - سوڪت 7

1- باصو وانگر تيجداري شهرت وارو راجا- مصيبت پيدا ڪندڙن لٽيرن، چُغل خورن، ڌاڙيلن ۽ چورن تي قبضو جمائيندو آهي ته دشمن، اُنجي طاقت ۽ رعب جي ناموس ڪندا آهن ۽ راجا ۾ شانتي وڌندي آهي -

2- جيئن اگني نور يا انداز سان گهه وغيره هون سامگري کي حاصل ڪري پرجولت ٿيندي آهي، تيئن پرتاپي راجا رعيت جو ڏنل محصول وٺي مجرمن کي سزا ڏيندو آهي. انڪري پرجا امن سان رهندي آهي -

3- جيئن اگني هوا سان گڏ هون سامگري سان پرچنڊ ٿي بد بوءِ وغيره عيبن جو خاتمو ڪندي آهي تيئن اگني سمان تيجسوي ۽ وايو سمان ويگوان راجا ڪان ڏک ڏيندڙ، مطلب پرست، مجرم سزا کائي ورلاپ ڪندا آهن تڏهن اُنجي حڪومت ۾ امن بحال ٿيندو آهي -

4- جڏهن اگني سمان تيجسوي، پرتاپي راجا، مُجرمن کي پڪڙي ديس نيڪالي ڏيندو آهي، تڏهن مجرم پنهنجو الوظاهر ڪري ان راجا

جي شرڻ ۾ هوندا آهن -

5- راجا کي لازم آهي ته، پنهنجي حڪومت ۾ وديا جو پرچار ڪري سڀني رعيت تي نظر رکي مجرمن کي پنهنجي ضابطي ۾ رکي، ته هو اُنجي حڪم کي مڃيندا رهن -

6- جيئن ٽپالي جلدي پيغام پهچائيندو آهي، تيئن بجلي روپ اگني سريرن ۾ داخل ٿي تيج پيدا ڪري ڪاٺ وغيره جلائيندي آهي اهڙيءَ طرح اگني سمان تيجسوي ۽ پرتاپي راجا پنهنجي رعيت جي حالت کي سمجهي عدل ڪري سزا ڏيندا آهن

7 - ۽ اگني سمان تيجسوي ۽ وايو وانگر ويگوان راجا مُجرمن کي بندي خاني ۾ بند ڪري اُنهن جا مستڪ ڌڙ کان ڌار ڪن.

## پهريون ڪانڊ سوُڪت 8

1- رعيت جي پُڪار ٻُڌي سڀ راجا مُجرمن کي پڪڙيندا آهن گنهگار استري پرش گناهه جو اعتراف ڪري ۽ آن پرتاپي راجا جي اُستوتي ڪندا آهن.

2 - جيڪو دشمن راجا جو دٻدٻو ميٽي آڻ قبولي راجا ۽ ڪرمچاري جو سواگت ڪريٿو. پرتاپي راجا ڀين ويرين کي، شَمَ، دم وغيره سان ضابطي ۾ رکي ۽ ڪن کي اگني جهڙو پرچنڊ ۽ انصاف ڪرڻ ۾ چنڊ جهڙو صابرين رهي

3- امرت پيئڻ وارو شانت، سياڻو راجا گنهگارن جو ناس ڪري پڪڙي

اٿرووید ۽ ڪانڊ 1 سوڪت 15

2 - ودوان پرش، ودیا جي ٻل تي سنسار جي ترقي ڪندا آهن
اُنڪري منوشيہ ودوانن جو ستسنگ حاصل ڪري خود ترقي ڪن
۽ گڻوان مهاتمائن جو ستڪار ڪري ملڪيت پيدا ڪرڻ لاءِ پوري
طاقت سان ڪم وٺن -

3 - جيئن جبل تي پاڻي جا ڦُڙا ملي ندي جي تيز ڌارا جڙندي آهي
سا گرمي ۾ به ڪونه سُڪندي آهي اهڙي طرح اسين سڀ ملي
وگيان ۽ چاهه سان، تت ( ) اگني، وايو، سورج، جل
پرٿوي وغيره پدارٿن مان فيض حاصل ڪري اُڪت ڌن ودائين
۽ اُن مان اتم ڪرم ڪجن -

4 - جيئن، ڳهه، ڪيڙا پاڻي ڦڙو، ڦڙو جمع ٿي شُدّ ٿيئو اهڙي
طرح اسين محنت ڪري ٿورو ٿورو جمع ڪرڻ سان ڪافي علم
۽ ڌن، سون وغيره حاصل ڪري چڱن ڪمن ۾ خرچ ڪريون -

ڪانڊ پهريون - سوڪت 16
(وگهن ناس اُپديش)

1 - ظالم انڌاري رات جو ڳنڍو شالا وغيره حملو ڪري پرجا کي ستائين
ته انصاف پسند راجا اُنهن راڪسن کان حفاظت ڪري حڪومت
۾ امن قائم ڪري -

2 - جل، اگني، وايو وغيره پاڻ ۾ ملي پرماتما جي حڪم سان اندر
ٻاهر فيض ڏيندا - سوگيان هر منوشيہ وغيره کي پرماتما ڏنو آهي
اُن برهم گيان کي ظاهر ڪري ڏکن کان ڇُٽي هر طرح آنند مائين -

॥ اَٿرو - ويد ॥ ڪانڊ 1 - سُوڪت 16

3 - دُوراندیش پُرشاتي پُرش اتم گيان جي سامرٿي سان پنهنجن ڪليشن ڪري ڳنڌي واسنائن جي عمل کي هردیہ ۾ جڳهہ نہ ڏين -

4 - منوشيہ، هلندڙ مصيبتن کي ڏسي، ايندڙ مصيبتن کي ڪوشش ڪري روڪي آنند ماڻين -

- ايستائين ٽيون باب -

پهريون ڪانڊ - سوڪت 17

(ڏُر واسنائن جي ناس جو اُپديش)

1 - ناڙي کولڻ = سير چوڙڻ، جو مطلب آهي - واسطيدار ناڙي کي حڪيم نشتر سان ٽڪو ڏئي جسم مان گهرٻل گندو رت ڪڍڻ ۽ واسطيدار مرض مان آزاد ٿيڻ هڪ سهائتا ملندي آهي بعد ۾ حڪيم وهندڙ رت کي بند ڪندو آهي - اهڙي طرح منوشيہ ڪسنگ کي روڪي نيت سان سقل ٿئي

2 - منوشيہ، پنهنجي چت ورتين کي ڪُسنگ کان هٽائي پنهنجي فرض کي بگڙڻ نہ ڏئي ۽ ڪوشش ڪري ڪامياب ڪري -

3 - سير چوڙڻ ڪري بيشمار ناڙين جو گندو رت نڪري صحت قائم ٿيندي سرير ۾ توانائي برقرار ٿيندي -

4 - زخم ڀرڻ لاءِ زخم جي ماپ جيتري ڪپڙي جي پٽي تي باريڪ رال (آسا پري ڏوپ) جو چوڙڻ لڳائي ٻڌڻ سان وهندڙ رت بند ٿي زخم ڀرجي ويندو من پرسن ۽ سرير پُشٽ ٿئي - منوشيہ ڪُمارگ تي هلندڙ ورتين کي روڪي ترقي ڪري آنند ڀوڳي -

## منتر 20

اٿرو - ويد، ڪانڊ 1 سوڪتم 19

3 - راجا کي پنهنجي پرانئي جي طرفداري ڇڏي ظالمن کي سزا ڏئي حڪومت ۾ امن رکڻ کپي -

4 - چنڊ چانڊ ڪري، ظاهر ۽ گجهن ملڪ دشمن عنامرن کي وڌوان مهاتما پرش ناس ڪن ٿا هي پار برهم سترو رکشڪ، ڪوچ (زرهه) روپ ٿي ڪري مهاتمائن جي روم روم ۾ پري رهيو آهي سو ئي پار برهم آتمبل (WILL-POWER) ڏئي ميدان جنگ ۾ سدا انهن جي حفاظت ڪندو آهي -

ڪانڊ پهريون - سوڪتم 20

(دشمن کان حفاظت جو اپديش)

1 - سڀ منوشيه، پرماتما جي سهايتاسان دشمن کي ڪمزور ڪن مهاتمائن کان مدد وٺن جنهنڪري هر مصيبت، بدنامي ڪمتي ختم ٿي وڃي ۽ بنا رڪاوٽ ڪاميابي حاصل ٿئي -

2 - "متراورڻئي" جو ارٿ مهرشي ديانند سرسوتي (يجرويد 9/2) پراڻ، اپان ڇا آهي؟ جيڪا هوا اندر وڃي سو "پراڻ" آهي ۽ جيڪا هوا ٻاهر نڪري سا "اپان" آهي. جنهن وقت جنگ ۾ دشمن جي فوج اچي دٻائي ان مهل پنهنجي "پراڻ، اپان وايو" کي سم ڪري سڄاڳ ٿي طاقت وڌائي فوجي جنگ ڪن ته جلدي فتح حاصل ٿئي - (THIS IS YOGA)

3 - جو سيناپتي پرماتما جو آسرو ڪري پنهنجي سينا کي دشمن جي حملي کان بچائي اتهاس پيدا ڪريٿو سو فتح حاصل ڪري آنند ماڻيندو -

## اٿرو-ويد ڪانڊ 1 سوڪت 22

### (بيمارين جي ناس ڪرڻ جو اپديش)

1 - پرڀات ۽ شام جو، سوريه جون ڪرڻون ٿيڏيون پونڊ ڪري ڳاڙهاڻ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. هوا جي ٿڌي موهيندڙ هير لڳندي آهي اُن وقت ماڻهو ۽ سرير ڪ مريض کي حڪيم هوا ۽ ٻوٽين جو استعمال ڪرائي ته تندرستي بحال ٿي نئون خون پيدا ٿي انجو رنگ ڳاڙهي سوريه جهڙو ٿي ويندو آهي.
(الف) سوريه ٿي آهي، جيڪو رسن کي ڪٽي ويندو آهي ۽ زمين، آسمان وچ هلندو آهي ان ڪري هن سندي ڀائن جو بيان ڪيل آهي

2 - انڪري حڪيم ۽ رشتيدار مريض کي پرڀات ۽ شام جو هوا جي استعمال ۽ دوا جي پيارڻ جو ڪم ڪن ته مريض صحتياب ٿي نئي خون جي پيدا ٿيڻ ڪري بدن جو رنگ گلاب جي گل جهڙو ٿي پوندو ۽ بخار، سائي وغيره جو پيلو رنگ بدن مان نڪري ويندو

3 - ۽ جڏهن سوريه ڪرڻن ڪري چئني طرفن ڳاڙهاڻ ڏسڻ ۾ ايندي آهي تڏهن حڪيم مريض کي آزمايل دوا ۽ جيئري قدرتي سگهي هوا جو استعمال ڪرائي صحتمند ۽ هشاش بشاش ڪري انسان ۽

4 - حڪيم ظاهري سرير ڪ مرضن کي دوا ۽ ليپ ذريعي ۽ اندروني مرضن کي اڪسيري ٻوٽين جي رسن ذريعي ختم ڪري مريض کي تندرست ڪري.

## ڪانڊ پهريون. سوڪت 23

### (مدق مرض جي ناس ڪرڻ جو اپديش)

25 ॐ

## ـ؛ اَٿرو ـ ويد ؛ ڪانڊ 1 سوڪتم 25

(تپ وغيره جي آرام لاءِ اُپديش)

1 ـ پرميشور، گرم سياءُ اُگني ذريعي سيتل سياءُ جل کي تپائيندو آهي. مطلب ته موافق ۽ غير موافقن کي ميلاپ ۽ وڇوڙي سان متفق بنائي سرشٽي کي ڌاڙ ڪريو اُن پرماتما ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه وڏيڪ مريادا پالڪ نه آهي جو خود سڀني جو مالڪ آهي سو بخار وغيره ذريعي گنهگارن کي سزا ڏيندو آهي اُن جگديشور جو سمرڻ ڪرڻ سان اسين گناهن کان آزاد ٿي سدا آنند ڀوڳيون ۽ اسانکي اُن اگيان يعني جهالت کان ڇڏائڻ گهرجي.

2 ـ اُهو پرميشور اهڙن ظالمن کي بخار وغيره سان رڳ رڳ ۾ ڏک سان دٻائي ڪشٽ ڏيندو آهي اهڙي عادل پرميشور جو سمرڻ ڪري پاپن کان نجات حاصل ڪري سگهون ٿا.

3 ـ ان سواءِ ماڻهن ۾ سربرڪ روگ، سومر به جي تپش ڪري ۽ پاڻيءَ مان پيدا ٿيندڙ بخار، ساٿي وغيره مرض قدرتي اصول جي ابتڙ هلڻ ڪري ٿيندا آهن اُنڪري پرميشور جي اصولن جو پالڻ ڪري خرابين کي ڇڏي آرام سان رهون.

4 ـ پرميشور، انيڪ طريقن سان بخار وغيره بيمارين رهستي ظالمن کي ڪشٽ ڏيندو آهي. اُنجي ڪروڌ کان ڊڄي خراب ڪمن کان بچي هميشه شانت چت ۽ آنند ۾ مگن رهون ـ

## ڪانڊ پهريون ـ سوڪتم 26

(جنگ جو پرڪرڻ)

27 ؛ اٿرو ـ ويد ؛ ڪانڊ ـ 1 سوڪم

3 ـ راڄا کي گهرجي ته، ملڪ دشمن عنصرن اهڙي طرح پکڙي الڳ رکي جو هڪ ٻئي سان ملي نه سگهن ـ جيئن سڪل ٻانس ۽ گاهه ۾ طاقت هوندو آهي، اهڙي طرح انهن کي ڪمزور ڪري منوشيه آتم شڪشيا ڪن ـ

4 ـ پرتاپي راڄا ـ فتح حاصل ڪري ڪافي ڏن جو مالڪ بڻجي رشتيدارن ۾ ترقي پذير ٿي سک ماڻي ـ جيت اندريه پرش آتما ۾ پرميشور جي درشن سان پراپڪار ڪري آنند ماڻي

28 ڪانڊ پهريون ـ سوڪتم

(جنگ جو پرڪرڻ)

1 ـ جڏهن ڪمانڊر اگني روپ ٿي شتگهني (توپ) ڀشنڊي (بندوق)، ڌنش، تير تلوار هٿيارن سان دشمنن جو ناس ڪندو آهي، تڏهن حڪومت ۾ امن رهندو آهي ـ

2 ـ هوشيار ڪمانڊر، پنهنجن مورچن مان توپن بندوقن ۽ بارود ذريعي ڌوان ڌار ڪندو دشمن جي مکين ۽ فوجين کي وياڪل ڪري ختم ڪري ڇڏي ـ

3 ـ ميدان جنگ ۾ دشمن جي فوج گوڙ گهمسان ڪندي للڪاريندي ڦرمار ڪندي اڳتي وڌندي اچي ته، هوشيار ڪمانڊر دشمن ۾ ڦوٽ پيدا ڪري جو پاڻ ۾ وڙهي مرن ۽ خود جو خود ناس ڪن ـ

4 ـ هوشيار ڪمانڊر راڄا خود عقل سان دشمن جي فوج ۾ هلچل مچائي جو پاڻ ۾ وڙهي مرن، رعيت آپي شاهي ڪري ٽيڪس، ڏل وغيره نه ڏين ته

اُنهن تي جرمانه وجهي سزا ڏئي-

## ڪانڊ پهريون- سوڪتم 29

### (راجه تلڪ يگيه لاءِ اُپديش)

1- اسان کان اگيان- سامرٿي ۽ دولت کي دمٽ ڪري مها پرتاپي ٿيا، تيئن
سَروَ شڪتيوان جگديشوَر جي بي انت سامرٿي ۽ اُپڪار جو ويچار ڪري
اسين پرشارٿ سان ودياڌن ۽ سون وغيره ملڪيت جي حاصلات ذريعي
ترقي ڪري حڪومت جو ساٿ ڏيون

2- راجا کي گهرجي ته، پرميشور ۾ يقين رکي، مُلڪي ۽ غيرملڪي دشمنن کي
سزا ڏئي ملڪ اندر نظربند ڪري رکي

3- باريڪ کان باريڪ ۽ وڏي کان وڏي هر پدارٿ ۾ پرماتما جي رچنا ۽ اُپڪار
ڏسڻ ۾ اچيٿو ان انترجامي جي ڏنل آتم بل WILL-POWER سان سورمير
پرش، رڻڀومي ۾ (ميدان جنگ ۾) راڪسن کي جيتي ملڪ ۾
امن بحال ڪندا آهن

4- ۽ راجه لڪشمي جو رعب ڇماٿڻ ري، راجا هيرا، رتن وغيره
پاڻي پنهنجو پيڪو وڌائي، راجه سنگهاسن (تخت) تي
وراجي (ويهي) انکري دشمن پارٽي خوف زده ٿي هر حڪم ميين
۽ حڪومت ۾ هِمت عملي قائم رهي

5- راجا تخت تي ويهي فرمان جاري ڪري ته، جيئن پرٿوي تي سورج
پرڪاش ٿيندو آهي اهڙي طرح هي راجه گهوشنا (بادشاهي فرمان)
جاري ڪيو ويندو ته ملڪ ۾ ڪو به خلافت نه ڦهلائي جو هراس پيدا نه ٿئي.

ॐ

اٿرو-ويد : ڪانڊ 1 سوڪتم 31

2 - منوشين کي ڪوشش ڪري اتمپدارٿ يعني چار پدارٿ ڌرم - ارٿ - ڪام - موڪش حاصل ڪري سيني مصيبتن جو خاتمو ڪرڻ کپي -

3 - جيڪو پرش، پرماتما جي حڪمن جي پالنا ڪريٿو - باهمين گهه وانگر پرتاپي هوندو آهي سي جلدي پرميشور جو درشن ڪري ڌرم، ارٿ ۽ ڪام جي سڌي مان حاصل ٿيندڙ چوٿين موڪش جي ڪامنا ڪري، مهاسامرٿيوان ٿي پوندو آهي -

4 - جيڪي منوشيه، ماتا، پتا، سيني مکتبين ۽ هر نيڪ مهاپرش ۽ گئو وغيره پسن کان وٺي هر جيون جو سنسار سان گڏ پلو چاهين ٿا - اهڙا پرشارٿي مهاتما لوگ، ڏن گيان حاصل ڪري، اتم خاندان ۾ جنم وٺي سوريه وانگر پرڪاشمان ٿي ڊگهي عمر سان گڏ وڏي شان سان رهندا آهن -

ڪانڊ پهريون : سوڪتم 32

1 - جيئن ته، سرو شڪتيوان پرميشور، پرٿوي، سوريه وغيره کي ڪنهن عام، خاص آستان ۾ محسوس ٿي نٿو سگهي ليڪن انهي سٽا جي ذريعي سان اناج وڻ ٽڻ، جڙين ٻوٽين وغيره ۽ سڄي سنسار جو پراڻ داتا آهي، برهمدتا کي سمجهندڙ گياني پرش اهڙو اپديش ڪندا آهن

2 - ۽ سوريه، چندرما، پرٿوي، ۽ ٻيا بيشمار لوڪ اُن پار برهم ۾ موجود آهن سو ئي سڄي جڳت جو مرڪز آهي، ودوان لوگ انکي طريقي

ॐ

کانڊ 1 سوڪتر 32

سان ويچار ڪري خاطري ڪندا آهن ته برهم جڙ نه آهي
چيتن آهي - ۽ ويدڪ اهڙو گيان پيدا ٿيندو رهندو آهي، اوترو
ئي برهمگيان ويدڪ آڌار ۽ نامعلوم ٿي پوندو آهي انڪري هو گياني
خود کي اگياني سمجهندا آهن

3 - ۽ جنهن پيدا ڪندڙ شڪتي کي پرماتما يعني سوريه ۽ پرٿوي کي
سندن لڙهي کي وس ۾ ڪري، سرشٽي جي شروعات ۾ پيدا ڪيو هو
ساشڪتي بادل، ترس روپ سان سدا سنسار ۾ سرشٽي جي اتپتي ۽
موجودگي جو سبب آهي

4 - سرشٽي جو سبب **جل** - سوريه ڪرڻ رستي آڪاش ۾ وڃي
برسات جي روپ ۾ پرٿوي تي وسندو آهي. سو وري پرٿوي کان آڪاش
۾ ويندو آهي ۽ وري پرٿوي تي ايندو آهي اهڙي طرح بنهني جي
ڪشش جگت جي پلي ۾ ٿيندي رهندي آهي - **مهاتما پرش اهڙي**
طرح جگديشور جي اننت شڪتين جو ويچار ڪري عزت ۽ احترام
سان گڏ حاصل ڪري آنند ماڻيندا آهن -

کانڊ - پهريون - سوڪتر 33

( ۽ شوڪشيم تن ماترائن جو ويچار ۽ )

1 - جهڙي طرح پرماتما، ڪامنائن تلاش جي لائق تن ماترائن ميلاپ
۾ وجهڙي مان، اگني، سوريه ۽ **اليڪٽرڪ** انهن مان نيجدار پدارٿن
سڄي سنسار کي پيدا ڪيو آهي، اهڙي طرح اسان کي شُڀ گڻن کي گرهڻ
۽ اشڀ گڻن کي ڇڏي پاڻ ۾ اُپڪاري ٿي آنند ماڻين.

۽ اٿروَ - ويد ۽ ڪانڊ 1 - سوڪتم 35

3 - ودوانن جي ستسنگ مان، پڙهائي، وڪرمي، تيجسوي ڪئي پُرشَ - ترقي ڪري، وگيان ۽ دولت جمع ڪري طاقت وڌائين.

4 - جو منوشيہ، مهينَ، موسمن ۽ سال جو مُوافق تقسيم ٿيندو ڪٿا سي ساليانا پيدا وار اناج، ڪپهہ، ڦل، گل وغيرہ سان طاقتور ٿيندا آهن ۽ وايو سمان ويگوان، اگني وانگر تيجسوي ودوان مهاتما - اُن پُرشارٿي پُرشَ جا سدائين خيرخواه ۽ شُڀ چنتڪ هوندا آهن.

اِتي پرٿمَ ڪانڊم
پهريون ڪانڊ

WE FILL HIM WITH THE VIGOR OF JUICE PRODUCED IN THE YEAR THROUGH THE ROUND OF MONTHS, SEASONS AND AUTUMNS. MAY THE FORCEES LIKE INDRA, THE ELECTRICITY; AGNI, THE HEAT AND OTHER PHYSICAL FORCES WITHOUT CAUSING DAMAGE BE SUITABLE TO HIM.

اٿروَ - ويد - ڪانڊ 1 سوڪتم 35
شلوڪ - 153

اوم - تت - ست

## ”اٿرو ويد“ ڪانڊ 2 سوڪت 10

مٿان پرميشور ڪوپ نہ ڪري ليڪن خوش مزاجي، جي ڪري سنسار
هر پدارٿ آنند ڪاري ھُجَن.

3 - ڪوشش ۽ محنت ڪري سرير اندريون هوا، ملڪ جي هوا، سيني جهڙين
کي صاف رکي پويترتائي سان آنند ۾ گذاري -

4- جيئن سوريه ڪرڻن ذريعي ڪشش ڪري پرٿوي وغيره لوڪن کي ذرڙا ڪري
وايومنڊل جي بگڙڻ کري انجي رڪشيا ڪندو آهي اُن مان سبق حاصل ڪري
هڪ ٻئي جي مدد ڪري سک سان رهڻ کپي -

5- پرماتما انسان کي سڀني کان اتم بنايو آهي، انڪري اسانکي انسان ٿي
دنيا جي هر انسان سان پريم ڪري سڀني کان توڻ هٿائي ڪيرت مان ٿي سدا
آنند يوڳي امر ٿئي -

6- هوشيار حڪيم مريض جي مرض کي ختم ڪري تندرست ڪريٿو اهڙي طرح
برهمچاري - ويد جي وگيان جي حاصلات سان نرمل ٿي سُکي ٿيندو آهي.

7- انسان دشمني ڇڏي، اُپڪاري هردلعزيز بنجي ڪافي طاقتور ٿي آزادي سان
زندگي گذاري آرام يوڳي ٿو -

8- جهڙي طرح پرماتما جي شڪتي سان سوريه، پرليه ۽ گرهڻ کان آزاد ٿي
روشن ٿيندو آهي ۽ مصيبتون دور ڪندو آهي، اهڙي طرح منوشيه
پنهنجين مصيبتن کي ختم ڪري آتمڪ بل و ڏاٿي سنسار ۾ نيڪيون ڪري
آنند يوڳين -

## ڪانڊ- 2. سوڪت 11

(”پرشارٿ جو اپديش“)

ٻ اٿروَ - ويد ٻ ڪانڊ. 2. سوڪتم 17

4- پرماتما، اساڻي اَنَ، عقل، گيان وغيره جيون سامگري ڏني وڏو احسان
ڪيو آهي - اسين ٻه هڪ ٻئي سان همدردي ڪري پنهنجو جيون وڌايون
5- پرميشور، پنهنجي بي انت شروڻ (ٻڌڻ) شڪتي سان اسانجي هر آواز
کي ٻڌندو آهي ۽ مصيبت ٽاريندو آهي، اهڙي طرح اسان ٻه پنهنجي شروڻ
(ٻڌڻ) شڪتي کي سالم ٻين جي ڏکن کي ڪٽيون ۽ ويد، شاسترن کي دل سان
پڙهون، ٻڌون مڃيون ۽ هلون ۽ ٻين کي هلايون
6- پرماتما جو نالو [سهستراڪشا] : بي انت درشن (ڏسڻ) شڪتي وارو آهي
اهڙي طرح پرماتما کي سرو درشٽا (سڀني کي ڏسندڙ) سمجهي منوشيه
پنهنجي نظر نيڪ رکي ۽ سچو گيان حاصل ڪري - ٻهُ درشي (وڏي نظر) ۽
عادل ٿئي -
7- پرميشور کي هزار ٻانهن وارو چيو آهي - انسان اُنجي بي انت محافظ
شڪتي ڏسي اسان ٻه هڪ ٻئي سان مددگار ٿي وڏيءَ ڪار ۽ ڪار ٿي محافظ
ٿيون -

ڪانڊ - 2 - سوڪتم 18
(ٻ دشمن کان بچاءُ رکجي ٻ)

1 - (ڀراترويه) - اهو فريبي پُرش آهي جو ڏسڻ ۾ ياءُ جهڙو پريمي ۽ اندر ۾
دغابازي ڪري - پرماتما ۽ راجا اهڙن ظالمن جو ناس ڪندو آهي، اهڙي
طرح مادي ترشنا روپ اندرين جي لالچ ۽ ٻين آنتڪ گناهن کي ختم ڪري
شُڌ ۽ صبر سان سنسار ۾ رهجي -

ॐ

## اٿروَ-ويد ڪانڊ - 2. سوڪت 20

(خرابين جي ناش جو اپديش)

1 - بد پرهيزي ڪري، وايو (هوا) تتو تڪليف ڏيندو آهي - ۽ پرهيز سان آنند ڏيندو آهي -

2 - جو ارٿ مٿين منتر (1) جهڙو آهي -

3 - 〃 〃 〃 〃 (1) 〃 〃 -

4 - 〃 〃 〃 〃 (1) 〃 〃 -

5 - 〃 〃 〃 〃 (1) 〃 〃 -

## ڪانڊ 2 - سوڪت - 21

(بد پرهيزي کي هٽائڻ بنسبت)

1 - سوريه سرشٽي جي هر پراڻ کي، ويرواڻ ۽ تيجسوي ڪندو آهي، پر اهو ئي بد پرهيزي ڪري دک ڏيندو آهي ۽ پرهيزگاري سان سُکدائڪ ٿيندو آهي -

2 - مٿين منتر (1) جهڙو ارٿ آهي

3 - 〃 〃 (1) 〃 〃 •

4 - 〃 〃 (1) 〃 〃 〃

5 - 〃 〃 (1) 〃 〃 〃

## ڪانڊ - 2 سوڪت 22

(بد پرهيزي جي ڇڏڻ بنسبت)

1 - شيتل سُيا وَ چندرما عادتي طور-

پهنجين ڪرڻن ذريعي ٻوٽن کي هٽائي، اناج، وڻ، ٽڻ جڙين ٻوٽين

کي طاقتور ڪري، پراڻين کي آنند ڏيندو آهي. پر اُن چندرما جي خراب تاثرات

## ۽ اٿروَ-ويد ۽ ڪانڊ. 2. سوڪت 22

۽ پاپي ڳرهن جي سنيوڳ ۽ صحبت جي ڪارڻ - انسان پاڳل LUNATIC
۽ گهوڙا ۽ ٻيا جانور بيمار ٿي پوندا آهن . انهي خرابي کي ختم ڪري
نيڪ صحبت سان آنند حاصل ڪرڻ کپي

2. هن جو ارٿ مٿين منتر (1) جهڙو آهي

3. 〃 〃 〃 〃 〃 〃 〃 〃

4. 〃 〃 〃 〃 〃 〃 〃 〃

5. 〃 〃 〃 〃 〃 〃 〃 〃

## ڪانڊ - 2 سوڪت 24

(۽ خراب واسنائن جي ناس جو اپديش ۽)

1. برسات، ندي، کوهه وغيره جو پاڻي، برسات نه پوڻ جي گناهن کي مٽائي
اناج وغيره پدارٿن کي پيدا ڪري پراڻين کي بل ۽ سک ڏيندو آهي ۽ جي
بيڪار بندوبست ڪري دک جو سبب بڻيا آهن. تيئن ٻيا سماجي اصولن
جي خلاف جيڪي ظالم آهن انهن جو خاتمو ڪري پرجا کي سجاڳ ڪري
آرام ڏيندو آهي -

2. مٿين منتر (1) جهڙو ارٿ آهي

3. 〃 〃 (1) 〃 〃 〃

4. 〃 〃 (1) 〃 〃 〃

5. 〃 〃 (1) 〃 〃 〃

## ڪانڊ - 2 سوڪت 24

(۽ خراب واسنائن جي ناس جو اپديش ۽)

69 ॐ

÷ اَٿرو َ- ويدُ- ڪانڊ 2 سوڪتم 36

پتي سدا، اُنکي پنهنجي ڪبي طرف رکي جوجو کيو هٿ سچي ڪان وڌيڪ مددگار
هوندو آهي اهڙي طرح پتني ، پتي کي سيني ڪان وڌيڪ سهايڪ سمجهندي
آهي اِنهيءَ ڪري پتي ۽ پتني کي پنهنجو هڏ ڏو کي ۽ سچو همدرد سمجهي
اُنسان پريم ۽ ياگيانيوارو سمجهي ورتاءُ ڪري سک جي زندگي گذاري -

7 - پتي ۽ پتني ، اُن سَروَ نشٽا (سيني ۽ ڏ سندڙ) پرميشور جو ڏيان ڪندا
پاڻ ۾ هار دِڪ (دل) پريم رکي ويد مريادا موجب هلن جنهنڪري هو ٻئي
استري، پُرش سنسار ۾ شهرتمند ٿين ۽ اَن ، جڙين پوٽين وانگر سُکدا ڏکئي
هَرشَت پُشٽ سالم رهن :-

÷ ٻيون ڪانڊ ÷

ٽوٽل سوڪتم = 36 = منتر = 207

TRANSLATED, IN SINDHI BY HAND KUSHTOMAL
BHEEL MIRPURKHAAS
( SINDH )

## اٿرو-ويد
## ڪانڊ-ٽيون سوڪت 1

# अथर्ववेद

### (جنگ-وديا جو اپديش)

1 - جو منوش، عوام ۽ ملڪ ۾ دهشتگردي ۽ هراس پکيڙي ٿو حڪومت اهڙن
باغين ۽ انهن جي ساٿين کي پڪڙي وڏي سزا ڏئي جيئن هو ڪمزور ٿي وڃن ۽
هراس ڦهلائي نه سگهن -

2 - جيڪي بهادر فاتح هجن ۽ دشمن جي ناس ڪرڻ ۾ مددگار هجن
انهن بهادرن کي اڳواڻ ڪجي ۽ همت افزائي ڪري دشمن تي چڙهائي ڪري

3 - جيئن، سورج، اونداهي جو ناس ڪندو آهي، اگني اپوتر تائي ۽ عيبن
سڀني کي ختم ڪندي آهي اهڙي طرح راجا راڪاسن کي ختم ڪري نيڪنام
ٿئي -

4 - نيڪ راجا، رعيت ۽ مخالف ڪندڙن کان محصول ڪري ترقياتي ڪمن ۾ لڳائي
انهن کي ڏسي ٻاهريان دشمن ڏپ رهن مزيد اهڙا ڪم ڪري رعيت
کي گهربل سهوليت فراهم ڪئي وڃي

5 - راجا پنهنجي فوجي طاقت جي ڀروسي دشمن کي جيتي جيئن باهه
ٻهنگل کي جلائي ڀسم ڪندي آهي تيئن دشمن کي فتح ڪري امن قائم ڪري

6 - هوشيار ڪمانڊر پنهنجي فوج جي مورچه بندي ڪري جو، هوا، باهه
پاڻي، هٿيار وغيره جي سبب دشمن فوج کي ڇهي نه سگهي ۽ هو بچي وڃي -

ओ३म्

## ٻ اٿرو-ويد ٻ ڪانڊ 4 سوڪت 11

11 - يوڳي ۽ پُرشارٿي پرش، مَن، ٻُڌي ۽ اندرين سان پرماتما جا ڳُڻ ڪرم ۽
سُڀاءُ کي سمجهي ترقي ڪندا آهن

12 - پرماتما جو اَنڪت پيدا ڪيو آهي اِئين سمجهي مَنُشيه وڳيان سان اڳتي وڌندو آهي.

## ٻ اٿرو ويد ٻ سوڪت 12 ڪانڊ 4

## (پنهنجا عيب مٽائڻ جو اپديش)

1 - دانشور پُرش، وڳيان سان پنهنجي آتمڪ ۽ سريرڪ عيبن کي ختم ڪري
جيئن حڪيم ڙوهڙي يا لاک وغيره ٻوٽين ذريعي بيمارين کي ختم ڪندو آهي -

2 - ويچاروان پُرش خود پنهنجن عيبن جو حڪيم هوندو آهي -

3 - مَنُشيه پنهنجي چنچل من کي گيان جي حاصلات ۾ اهڙو ملائي جيئن حڪيم
هيٺ مليل ٽُٽل هڏين کي ملائيندو آهي -

4 - اِرت ساڳيو شيءِ منتر جهڙو آهي -

5 - انسان پرماتما جي خوف کان ڏيڍي پنهنجن عيبن جو علاج ڪري، جيئن حڪيم
ٻوٽين رستي بيمارين کي ختم ڪندو آهي -

6 - ڪوشش ڪري مَنُشيه، اڳتي وڌي جيئن هوشيار ڪاريگر جو ٿهيل رٿ پهن رٿن
کان اڳتي نڪري ويندو آهي -

7 - عقلمند پُرش

